# ڪڪڙيون پالي

# ڪمائڻ جا گر



ڇپائيندڙ:

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، هيڊ آفيس سکر. فون: 071-5631525

# ڪڪڙيون پالي ڪمائڻ جا گر

ترتيب

**ڊاڪٽر غلام رسول سميجو**

نظرثاني

**نثار احمد پٺاڻ**

شعبهء قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن
سکر


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪڪڙيون پالي ڪمائڻ جا گرُ |
| ترتيب: | ڊاڪٽر غلام رسول سميجو |
| نظرثاني: | نثار احمد پٺاڻ |
| ڇاپو: | پهريون |
| تعداد: | 1000 |
| لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ: | بخت علي ابڙو |
| ڇپائيندڙ: | مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ |
| ايڊريس: | سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن |
| | فون: 071-5633516 - 5631625 |
| | فيڪس: 071-5631791 |
| | وي سائيٽ: www.srso.org.pk |

| | |
|---|---|
| Name of Book: | **KUKRIOON PALY KAMAIN JA GUR** |
| Author: | Dr. Ghulam Rasool Samejo |
| Reviewed by: | Nisar Ahmed Pathan |
| Edition: | First |
| Quantity: | 1000 |
| Layout Composing: | Bakhat Ali Abro |
| Publisher: | Monitoring Evaluation & Research Unit |
| Address: | Sindh Rural Support Organization<br>Sindhi Muslim Housing Society Sukkur<br>Phone # 071-5633516 – 5331625<br>Fax:# 071-5631791 |
| Website | www.srso.org.pk |

## سـتــاءُ


1. ڪڪڙين جي پالنا ........................................ 9
2. ڪڪڙ جو گوشت بهترين غذا ........................................ 11
3. بيضا بطور غذا ........................................ 12
4. ڪڪڙيون پالڻ ........................................ 14
5. ڪڪڙين جو پاڻ ........................................ 15
6. بيضا ڏيندڙ ڪڪڙيون ........................................ 16
7. بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين جي لاءِ جاءِ ڏيڻ جو انتخاب ........................................ 18
8. ڪڪڙين مان وڌيڪ بيضا حاصل ڪرڻ ........................................ 21
9. بيضا ........................................ 22
10. عمده بيضن جي سڃاڻپ ........................................ 23
11. بيضن جي حفاظت ........................................ 24
12. بيضن جو وڪرو ........................................ 27
13. بيضن تي هوا، گهم ۽ گرمي جي درجي جا اثر ........................................ 28
14. چوزا ڪڍڻ لاءِ بيضن جي چونڊ ........................................ 29
15. آري لاءِ ڪڪڙين جي چونڊ ........................................ 30
16. ڪڪڙين جون بيماريون ........................................ 34
17. ڪڪڙين ۾ خراب عادتون ........................................ 39
18. مصري ڪڪڙيون ........................................ 45
19. ڪڪڙيون جي پالنا جو ڪئلينڊر ........................................ 51
20. زهريٰ زباني ........................................ 64
21. سُمل جي سياڻپ ........................................ 66


# ارپنا

**هي ننڍڙي ڪاوش ارپيان ٿو ان هستي کي جنهن جي شفقت**
**اڻ مئي ملي ۽ ملندي رهندي .............. امان سائڻ جي نانءُ**

## ٿورا...

آئون انهن سمورن ساٿين جو ٿورائتو آهيان جن هي ڪتاب ترتيب ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، خاص ڪري ڊاڪٽر سونو ڪنگھاراڻي جو، جن جي رهنمائي ۽ فني مشورن سان هي ڪتاب ترتيب ڏنو ويو.

**غ - ر - سميجو**

## ٻه اکر

ڪڪڙين پالڻ جي ڪرت سوين سالن کان ٻهراڙين توڙي شهرن ۾ ڪئي پيئي وڃي پر گهٽ ڄاڻ، فني اڻ ڄاڻائي ۽ ڪڪڙين جي سٺي نسل جي گهٽتائي جي ڪري دلپسند ۽ نفعو ڏيندڙ ڪاروبار خاص ڪري ڳوٺاڻن ڪي ڪو خاطر خواه فائدو ڏيئي نہ سگهيو آهي.

جنهن جو هڪڙو سبب هي بہ آهي تہ اسان وٽ ٻهراڙين ۾ ڳوٺاڻيون عورتون ڪڪڙيون تہ پالي ٿيون وٺن پر انهن ڪي صحيح ڄاڻ يا سکيا نہ هجڻ ڪري نقصان ٿو برداشت ڪرڻو پوي جيڪڏهن ڪڪڙيون جديد سائنسي طريقي سان پاليون وڃن پوءِ چونہ اهي گهر جي سطح تي ننڍي پيماني تي هجي گهٽ سيڙپ تي ڪمائي ڏيندڙ صفا سولي ڪرت آهي.

سرسو ڪڪڙيون پالڻ متعلق ڳوٺاڻن ڪي معلومات پهچائڻ لاءِ هڪ ڪتاب جي ضرورت محسوس ڪندي هي ڪوشش ڪئي، جيڪا هينئر توهان جي هٿن ۾ آهي جيئن عام ڳوٺاڻا مرد چاهي عورتون ڪڪڙيون پالڻ کي هڪ ڪمائي ڏيندڙ ڪرت سمجهي ڏنڊو ڪن.

**سونو ڪنگھاراڻي**
سرسو سکر.

# پنهنجي پاران

هن ڌرتي جي گولي تي صدين کان هر جيو پنهنجي جيئدان لاءِ وت ۽ وس آهر اٽڪُليا ڳر ڳوليندو رهيو آهي. انهي ڳولا ۾ انسان پنهنجي آمدني جا ذريعا ليندو ويو ۽ انهي جا ڳس، گهيڙ ۽ ڳر ڳوليندو، تبديل ڪندو ۽ ان ۾ نواڻ پيدا ڪندو رهيو آهي.

انهي سموري جستجو ۾ وڌ ۾ وڌ اها ڪوشش رهي آهي ته نوان ڪمائي جا ذريعا ڳولي آسان طريقي سان آمدني ۾ اضافو ڪيو وڃي جيئن ته اسان جو ملڪ زرعي هجڻ ڪري ڳوٺن يا ٻهراڙين جي ماڻهن جي آمدني ڪيتي يا مالداري سان منسلڪ رهي آهي. گهريلو سطح تي چوپايي مال جي پالنا سان گڏ پکين جي پالنا خاص ڪري مختلف نسلن جون ڪڪڙيون پالڻ پسنديده پيشو رهيو آهي. سرسو گهٽي عرصي کان اهو پئي محسوس ڪيو ته ڳوناڻن خاص ڪري عورتن جي آمدني ۾ اضافي لاءِ ڪڪڙيون پالڻ هڪ اهڙي سرگرمي آهي جنهن مان گهٽ سيڙپ ۽ ٿوري وقت ۾ سٺو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

هن سرگرمي شروع ڪرڻ کان پوءِ اسان کي اهو به محسوس ٿيو ته ڳوناڻن کي ڪڪڙيون پالڻ متعلق ڄاڻ ڏيڻ ضروري آهي. ان جي پورائي لاءِ هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ڪڪڙين جي پالنا گهريلو سطح تي جديد سائنسي بنيادن تي ڪرڻ جا گرُ ڏنل آهن. ٻيو ته سٺي نسل جي ڪڪڙين متعلق ڄاڻ کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ڪجهه مثالي ڪهاڻيون پڻ ڏنل آهن ته جيئن ڳوناڻن کي پروڙ پوي ته ڪڪڙيون پالڻ ڪهڙي نه سستي ۽ سولي ڪرت آهي. جنهن مان چڱو خاصو آمدني ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو. سرسو کي وڌيڪ توهان جي سٺين صلاحن جو انتظار رهندو.

**ڊاڪٽر غلام رسول سميجو**

# پيغام

وطن عزيز جي آباديءَ جو 70% سيڪڙو ٻهراڙي ۾ رهي ٿو. جنهن جو گذرسفر زراعت ۽ مال مويشي تي آهي. پراڻي وقت کان اڄ ڏينهن تائين ٻهراڙي جا غريب ماروئڙا مينهن، ڳئون، رڍ، ٻڪري سان گڏوگڏ ڪڪڙيون ضرور رکندا هيا ۽ جڏهن به ڪو دل گهريو مهمان ايندو هيو ته سندس تواضع ڪڪڙ جي ٻوڙ سان ڪندي خوشي ۾ ڪونه سمائبا هيا.

ڪڪڙين جو پالڻ هن جديد دؤر ۾ اندسٽري جو درجو ته ضرور رکي ٿو، پر ٻهراڙيءَ جي غريب، اٻوجهه، مسڪين ماروئڙن ۽ خصوصاً عورتن لاءِ گذرسفر جي ذريعي جو درجو پڻ رکي ٿو.

نئين دور ۾ ڪڪڙين جا نوان نسل روشناس ڪرايا ويا آهن، جنهن جي نه صرف گوشت جي پئداوار زياده آهي. پر اهي روزانه آنا به ڏين ٿيون، انهن جي پالڻ سان غريب عورتن جي روزمره ڪجهه نه ڪجهه آمدني ٿئي ٿي، ان ڪرت ۽ شوق جي ذريعي هو پنهنجو هٿ ٻين جي آڏو ڪونه ڦهلائين ٿيون ۽ آساني سان سندن گذرسفر پڻ ٿيو وڃي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، ان ڏس ۾ غريب عورتن کي خودڪفيل ڪرڻ خاطر ڪڪڙين جا يونٽ ورهائيندي، انهن جي متعلق معلومات ڏيڻ جو جيڪو عزم ڪيو آهي، تنهن کي آئون ساراهيان ٿو ۽ مون ئي اين.آر.ايم شعبي جي عملي سان ملاقات دوران اهڙي صلاح ڏني هئي.

اميد ٿي ڪجي ته اسان جي هيءَ ننڍڙي ڪوشش ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن لاءِ ترقيءَ جو هڪ روشن ڪرڻو ثابت ٿيندو.

**فضل الله قريشي**

وائيس چيئرمين

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

# ڪڪڙين جي پالنا

هزارين سال اڳ گهرن ۾ خوبصورت رنگ برنگي ۽ مختلف نسلن جون ڪڪڙيون پالڻ جو شوق هلندو پيو اچي. ڪڪڙيون هڪ ته خوبصورتي لاءِ پاليون وينديون هيون. ٻيو ته ان جي پيداوار کي خوراڪ ۾ استعمال ڪندا هئا. جيئن جيئن زمانو گذرندو ويو ۽ انساني ضرورتن ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ هي شوق هڪ نفعو ڏيندڙ ڪاروبار جي حيثيت اختيار ڪري ويو. هاڻي هر گهر ۾ وڌيڪ ڪڪڙيون پالڻ جي جستجو وڌي رهي آهي. پر ان ۾ ڪاميابي ان وقت ممڪن هوندي جڏهن ڪڪڙين کي مناسب طريقي سان پاليو وڃي. جيڪڏهن گهر ۾ ڇهه ڪڪڙيون رکيو وڃن ته روزانو استعمال لاءِ بيضا حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ گڏوگڏ جيڪي ڪڪڙيون بيضا ڏيڻ جي قابل نه رهن انهن کي ضرورت جي وقت ذبح ڪري بطور گوشت جي استعمال ڪري سگهجي ٿو. مطلب ته معمولي محنت سان اسان جي بيضن ۽ گوشت جي ضرورت پوري ٿي سگهي ٿي.

گهريلو ۽ ننڍي پيماني تي پالڻ جي لاءِ هن وقت اهڙيون ڪڪڙيون موجود آهن جن مان گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ 150



کان وٺي 200 تائين بيضا حاصل ڪري سگهجن ٿا. انهن جي لاءِ وڌيڪ جاءِ جي ضرورت به نه هوندي آهي. بلڪه ان جي پالڻ سان گهريلو آمدني ۾ سٺو اضافو ڪري سگهجي ٿو.

ڪڪڙيون ٻن مقصدن لاءِ پاليون وڃن ٿيون:

1. بيضا پيدا ڪرڻ لاءِ
2. گوشت پيدا ڪرڻ لاءِ

شهرن ۾ ٻنهي قسمن جون ڪڪڙيون پالي سگهجن ٿيون. پر ٻهراڙي ۾ جيڪڏهن فقط بيضا پيدا ڪرڻ واريون ڪڪڙيون پاليون وڃن ته وڌيڪ بهتر آهي. ڇوته گوشت وارين ڪڪڙين جو وڪرو ڪرڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. جيڪڏهن ڳوٺن ۾ بجلي، پاڻي ۽ آمدورفت جي ذريعن جون سهولتون ميسر هجن ته گوشت پيدا ڪرڻ واريون ڪڪڙيون به پالي سگهجن ٿيون.

ننڍي پيماني يا وڏي ڪاروبار لاءِ ڪڪڙيون پالڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خاص طور تي خيال رکڻ گهرجي:

1. اعليٰ ۽ معياري نسل جون ڪڪڙيون پاليون وڃن.
2. متوازن ۽ جهجهي مقدار ۾ خوراڪ مهيا ڪئي وڃي.
3. جاءِ جي مناسب چونڊ ۽ ڪڏي (پولٽري شيڊ) جي بناوٽ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي.

## ڪڪڙين جو گوشت بهترين غذا

ابتدا کان ئي گوشت انسان جي من پائيندڙ غذا رهيو آهي. ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جهنگلي جانورن ۽ پکين جو شڪار ڪندو رهيو آهي. اڄ جي دور ۾ جتي گوشت جا اگهه وڌي ويا آهن ته به گوشت هر ماڻهو جي گهرج آهي. گوشت انسان کي نه صرف لذت مهيا ڪري ٿو بلڪ هي ان جي جسم جون غذائي ضرورتون پوريون ڪندي، نشونما به ڪري ٿو.





هن ۾ لحميات يعني پروٽين جو وڏو مقدار ملي ٿو، جيڪو جسماني نشونما جي لاءِ ضروري آهي.

اسان جي معاشري ۾ ڪڪڙين جو گوشت سڀ کان اعليٰ ۽ لذيذ تصور ڪيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هي نرم لذيذ ۽ ريشي کان سواءِ هوندو آهي. سولائي سان هضم ٿيڻ جي ڪري ٻار، پوڙها، بيمار ۽ حامله عورتون انهي کي آساني سان کائي سگهن ٿيون. انسان ۾ بيمارين خلاف قوت ملافعت پيدا ڪري ٿو.

## بيضا بطور غذا

گوشت کان سواءِ اسانکي ڪڪڙين مان بيضا حاصل ٿين ٿا جيڪي پروٽين جو بي پناهه زخيرو آهن. بيضن ۾ گوشت ۽ پاڇين جي پيٽ وڌيڪ ڪئلوريز ملن ٿيون. ڪئلوريز ۽ پروٽين خاص طور تي وڌندڙ ٻارن جي لاءِ بيحد ضروري آهن. گوشت ۽ بيضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ ڪلهه ماضي جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪڪڙيون پاليون پيون وڃن.

اڄ جي ترقي يافته دور ۾ ڪڪڙيون نه رڳو گوشت ۽ بيضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاليون وڃن ٿيون. پر انهن کي

وڪڻي پنهنجي آمدني ۾ خاطر خواهه اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو. ٻاهرين ملڪن ۾ تہ هي صنعت وسيع پيماني تي هلائي وڃي ٿي.



تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ڪڪڙيون پالڻ جو درس سڀ کان پهريون چين جي بادشاهہ نوشي پنهنجي رعيت کي قبل مسيح ۾ ڏنو هو.



جيتوڻيڪ ڪڪڙيون پالڻ جو رواج پنهنجي روايتي انداز ۾ ايشيائي ملڪن ۾ سالن کان هلندو پيو اچي. تاريخ جي ورقن کي اٿلائيندي معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت سليمان جي دسترخوان تي ترڪيل ڪڪڙيون رکيون وينديون هيون.

بيضن جي خاطر پالڻ لاءِ هميشہ سٺي نسل جي ڪڪڙين جو انتخاب ڪيو وڃي تہ جيئن ان مان وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهجي.

## ڪڪڙيون پالڻ



ڪڪڙيون پالڻ هڪ سولو، سستو ۽ گهريلو ڪاروبار آهي. ڪڪڙين ڪي سستي ۽ رهيل سهيل پر متوازن خوراڪ تي پالي بيضن ۽ گوشت جهڙي اعليٰ قسم جي غذا حاصل ڪري سگهجي ٿي. عام طور تي پائونڊ وزني برائلير (گوشت جي لاءِ پالڻ وارو چوزو) اڍائي ڪلو گرام خوراڪ ڪائي ڇهن ڪان ستن هفتن ۾ تيار ٿيندو آهي. گوشت جي استعمال سان انساني جسم ۾ پروٽين جي گهٽتائي پوري ڪري سگهي ٿي. بيضا ڏيڻ واريون ڪڪڙيون معمولي موڙيءَ سان شهرن، ڳوٺن ۽ ٻنين ۾ (آساني) سولائي سان پالي سگهجن ٿيون. جيڪڏهن صحيح بنيادن تي شروع ڪيو وڃي ته هي هڪ نفعو ڏيندڙ ڪاروبار آهي.

## ڪڪڙين جو پاڻ

ڪڪڙيون اسان جي باغيچن ۽ پاڃي جي فارمن جي لاءِ عمدي قسم جو پاڻ به مهيا ڪن ٿيون. هڪ اندازي جي مطابق 20 ويهه ڪن پڪي هڪ سال ۾ ايترو پاڻ مهيا ڪن ٿا. جيڪو هڪ بيگ مڪئي يا ٻه ڪئنال پاڃي جي پوڪ لاءِ ڪافي هوندو آهي. هڪ چارٽ وسيلي توهان سمجهي ويندا



ته پولٽري (ڪڪڙين) جو پاڻ پاڃين جي لاءِ ڪيڏو اڪسير آهي. پولٽري (ڪڪڙين) مان حاصل ڪيل پاڻ ۾ ٻين پاڻن جي نسبت خوراڪ جا جزا وڌيڪ مقدار ۾ ملن ٿا. ٻين جانورن جي پيٽ ۾ ڪڪڙين جي پاڻ ۾ نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش جو وڌيڪ مقدار پڻ ملي ٿو. ان ڪانسواءِ چوزن جي اندرئين نرم پرن سان وهاڻا، ڪشن وغيره به تيار ڪيا وڃن ٿا. ٻاهرين ملڪن ۾ پرن جا وهاڻا ۽ رضايون بيحد مهانگي اگهه ۾ وڪرو ٿين ٿيون.

## بيضا ڏيندڙ ڪڪڙيون

عام طور تي ٻهراڙي ۾ ڪڪڙيون بيضن لاءِ پاليون وڃن ٿيون. هي حقيقت آهي ته بهترين ماحول ۾ پليل اعليٰ نسل جون ڪڪڙيون عام ديسي ڪڪڙين جي (پيٽ) ۾ وڌيڪ بيضا ڏين ٿيون. اسان وٽ روايتي نموني سان پلجندڙ ڪڪڙيون سال ۾ پنجاهه ڪان سٺ بيضا ڏين ٿيون. جڏهن ته اعليٰ نسل جون ڪڪڙيون سال ۾ ٻه سو ڏهه ڪان ٻه سئو پنجاهه تائين بيضا ڏين ٿيون.

ديسي ڪڪڙين ۽ اعليٰ نسل جي ڪڪڙين ۾ جيڪڏهن مقابلو ڪيو وڃي ته توهان ڏسندا ته نه رڳو انهن مان بيضا

حاصل ٿين ٿا بلڪ:

1. ديسي ڪڪڙين جي پيٽ ۾ اعليٰ نسل جون ڪڪڙيون جلدي بلوغت تي پهچن ٿيون.
2. ديسي ڪڪڙيون تقريبا ساڍا ڇهن مهينن جي عمر ۾ بيضا ڏيڻ شروع ڪن ٿيون.
3. ديسي ڪڪڙيون جلد ڪڙڪ هونديون آهن.
4. سني نسل جون ڪڪڙيون ڪڙڪ نہ هونديون آهن.
5. پيٽ نرم ۽ وڏيل هوندو آهي.
6. ٽنگن جو رنگ اڇو ٿي وڃي ٿو.

اڄڪلهہ سرڪاري پولٽري فارمن کان ڪيتريون ئي سني نسل جون بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين جا چوزا خريد ڪري سگهجن ٿا.

هي چوزا اٺن هفتن جا هوندا آهن ۽ انهن کي هڪ نر ۽ پنج مادين جو يونٽ ناهي وڪرو ڪيو وڃي ٿو. اٺن هفتن جي عمر ۾ چوزا انهي ڪري وڪرو ڪيا وڃن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڳوٺن ۾ ننڍن چوزن کي هٽرادو گرمي پهچائڻ ۽ ابتدائي ٽڪا لڳائڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي.

گهرن ۾ پالڻ لاءِ اڪثر بيضا ڏيڻ واريون جوان ڪڪڙيون بہ خريد ڪبيون آهن يا پاليل ڪڪڙين مان اهڙيون ڪڪڙيون ڇانٽي ڪرٽيون پونديون آهن، جيڪي بيضا



گهٽ يا بلڪل نہ ڏينديون آهن. ان لاءِ بيضا ڏيڻ واري سني ڪڪڙي جي سڃاڻپ هئڻ ضروري آهي. بيضا ڏيڻ واري ڪڪڙي جو موڙ ڳاڙهو ۽ ملائم هوندو آهي. اکيون چمڪدار ۽ ڳاڙهيون هونديون آهن.

ڇهنب جو رنگ اڇاڻ مائل هوندو آهي.

جيڪڏهن ڪڪڙي ۾ اهي خاصيتون نہ هجن تہ هن جو تعلق سني نسل سان نہ آهي ۽ اهي بيضا نہ ڏيندي هوندو. اهڙين ڪڪڙين کي رکڻ خان خوراڪ جو خرچ وڌندو آهي. انهي ڪري انهن کي ذبح ڪري ڪائڻ ڪپي يا ڇڏي ڏجي.

## بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين جي لاءِ جاءِ ڏيڻ جو انتخاب

1. ڪڪڙ هڪ زنده مشين آهي. ان مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ انهي چرندڙ ڦرندڙ مشين جي لاءِ اهڙو خوشگوار ماحول پيدا ڪيو وڃي جنهن سان انهي پيدا واري ماحول جي صلاحيت وڌي.
2. ڪڪڙ فطري طور تي خاموش، اونداهي، محفوظ ۽ هوادار جاءِ ۾ بيضا ڏيڻ پسند ڪندي آهي، تنهن ڪري ان لاءِ صحتمند ماحول جو انتظام ڪيو وڃي.

3. بيضا ڏيڻ واري ڪڪڙ لاءِ شيڊ انهن جي تعداد جي مطابق ڪليل خشڪ ۽ هوادار هئڻ گهرجي.
4. شيڊ جي سامهون ڪڪڙين جي چرڻ ڦرڻ لاءِ جاري سان بند ٿوري جڳهه هئڻ گهرجي.
5. آکيرن کي جتي ڪڪڙي بيضو ڏي تي هر مهيني گندرف جي پائوڊر جا لال دوا (پوٽيشم پر ميگنيمنٽ سان ڌوئڻ گهرجي ۽ بعد ۾ فرش تي لال (خشڪ سکل گاهه يا ڪاٺي جو ٻورو پکيڙي ڇڏڻ گهرجي، صفائي رکڻ سان ڪڪڙين ۾ بيماري ڦهلجڻ جو خطرو نه هوندو آهي.





6. آکيرن جي اندرئين پرال يا ٻورو هر روز يا هڪ ڏينهن ڪان پوءِ اٿلائڻ کپي ته جيئن فرش پسيل يا گندو نه ٿئي، مهيني ۾ هڪ دفعو پراڻو پلال اچلائي نئين تهه وڇائڻ گهرجي پراڻي پرال بهترين ياڻ طور استعمال ٿي سگهي ٿو.
7. ڪڪڙين جا آکيرا اهڙي جاءِ تي رکيا وڃن جتي ڪوئا، نور يا ٻيا نقصان پهچائيندڙ جانور بيضن کي ضايع نه ڪري سگهن.
8. جيڪڏهن گهٽي تعداد ۾ ڪڪڙيون پالٽيون هجن ته هر سئو ڪڪڙين جي لاءِ 20 آکيرا تيار ڪيا وڃن.
9. لوهه جا آکيرا مضبوط هوندا آهن. ڪاٺي جي آکيرن کي وڏوهي لڱڻ جو خطرو هوندو آهي ۽ ان ۾ جراثيم به پيدا ٿي سگهن ٿا. ان ڪان علاوه ضرورت ختم ٿيڻ تي لوهه آساني سان وڪرو به ڪري سگهجي ٿو.
10. آکيرا اهڙي هنڌ رکيا وڃن جتي ڪڪڙين کي چڙهڻ ۽ لهڻ وقت انهن کي ڪيرائي نه سگهن.

## ڪڪڙين مان وڌيڪ بيضا حاصل ڪرڻ

ڪڪڙيون مان وڌيڪ بيضا حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي.

1. مارچ، اپريل ۾ ڪڪڙيون وڌيڪ تعداد ۾ بيضا ڏينديون آهن.
2. سيپٽمبر، آڪٽوبر ۾ عموماً ڪڪڙيون معياري بيضا ڏينديون آهن.
3. اعليٰ نسل جون ڪڪڙيون ننڍي عمر ۾ بيضا ڏيڻ شروع ڪن ٿيون.
4. ڪڪڙين مان وڌيڪ ۽ صحتمند بيضا حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي ڪئلشيم، ڪٽڪ، مڪئي ۽ سائي چاري مان تيار ڪيل خوراڪ وڌيڪ مقدار ۾ ڏيو.
5. انهن ڪڪڙين کي ڪافي مقدار ۾ تازو ۽ صاف سٿرو پاڻي مهيا ڪريو.
6. جيڪڏهن ڪڪڙين کي متوازن خوراڪ، بهترين سارسنڀال تازو پاڻي ۽ سٺو ماحول ميسر هجي ته گهڻي مقدار ۾ سٺا ۽ صحتمند بيضا ڏينديون.
7. تيز هوا، تيز روشني، گرمي جي درجي جي وڌيڪ تبديلي جي دوران ڪڪڙيون پريشان رهن ٿيون.



تنهنڪري انهن جي بيضا ڏيڻ جي صلاحيت ۾ پڻ گهٽتائي ٿئي ٿي.

## بيضا

جيئن ته اسان اڳ ۾ به چئي چڪا آهيون ته بيضو پروٽين جو ڀرپور خزانو آهي، جيڪو ڪڪڙين جي بدولت اسان تائين پهچي ٿو. سٺي خاصيت جا بيضا لسا ۽ صاف شفاف هوندا آهن ۽ مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهه تي وڪرو ٿين ٿا. جڏهن ته ناقص، نرم ۽ خول وارا نامناسب شڪل وارا بيضا پسند نٿا ڪيا وڃن.

بيضو زردي سفيدي ۽ خول يعني انهن ٽن شين سان ملي ٺهي ٿو. انهن ٽنهي شين جو تناسب ڪيترو آهي. انهي جي باري ۾ ٿورا ماڻهو معلومات رکن ٿا. هي تناسب ڄاڻڻ ڪان پوءِ اسان کي اهو معلوم ٿيندو ته بيضو هڪ وڌندڙ ٻار يا بيمار، ڪمزور ماڻهن جي لاءِ ڪيترو مفيد آهي. صحتمند ڪڪڙين جا بيضا غذا ۽ غذائيت جو بهترين خزانو آهن.

بيضي جو معياري وزن اٽڪل 20 گرام هوندو آهي. تنهن هوندي به متوازن کاڌو ۽ موزون ماحول ۾ پاليل سٺي نسل جون اڪثر ڪڪڙيون 65 گرام تائين جا وزني بيضا به

ڏينديون آهن. بيضا عام طور تي سفيد يا ڪليجي نما رنگ جا هوندا آهن. انهن جي رنگ جو انحصار ڪڪڙين جي هلڪي يا گهري رنگ تي هوندو آهي.

## عمده بيضن جي سڃاڻپ

عمده بيضن ۾ هيٺين ڳڻن جو هئڻ ضروري آهي:

1. بيضي جو وزن نہ تمام گهڻو هجي ۽ نہ ئي گهٽ، وزن جو دارومدار ڪڪڙين جي نسل تي بہ هوندو آهي.
2. بيضا هڪ هفتي کان وڌيڪ پراڻا نہ هجن.
3. بيضي جي شڪل موزون هجي.
4. بيضي جي رنگ اڇو يا ڪليجي نما هجي.
5. بيضي جو ڇلڪو بي داغ ۽ مضبوط هجي ڇلڪو ٿٿل نہ هجي ڇاڪاڻ تہ بيضن جو خول جيترو مضبوط ۽ صاف هوندو اوترو ئي وڌيڪ بيضو چوزو ڪڍڻ لاءِ موزون هوندو.

بيضي جي مضبوطي ۽ ان جي موزون شڪل جو دارومدار پکين جي عمر، نسل، ماحول ۽ صاف ستري پاڻي جي فراهمي تي هوندو آهي. جيتوڻيڪ بيضي جو خول ظاهري طور تي صاف ۽ لسو نظر اچي ٿو. پر دراصل هي



ڪرڏور هوندو آهي ۽ انهن سوراخن جي ذريعي روشني گرمي ۽ گرم اندر داخل ٿي بيضي کي متاثر ڪري ٿي. وڌيڪ گرمي ۾ پيل بيضن جي سفيدي سڪي وڃي ٿي. زردي ڇڊي، نرم ۽ ڪاري ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجي اصل جاءِ کان هٽي وڃي ٿي.

بيضي جو خول لوڻياٺ سان ٺهيل هوندو آهي ۽ ان معدنيات مان آهي جو بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين جي کاڌي ۾ معدنيات شامل ڪئي وڃي ٿي. نامناسب ماحول ۾ پيل بيضن جو وزن گهٽجي وڃي ٿو. تنهنڪري بيضن کي هميشہ ٿڌي ۽ هوادار جاءِ ۾ رکڻ ضروري آهي.

1. بيضو نہ وڌيڪ ڊگهو ۽ نہ ئي وڌيڪ گول هجي.
2. بيضا وٺين کان پاڪ هجن ۽ انهن تي ڪنهن قسم جي گندگي نہ هجي، جيڪڏهن گندگي لڳل هجي تہ انهي کي ڪاغذ سان رڳڙي صاف ڪرڻ کپي.
3. بيضي کي جيڪڏهن روشني ۾ ڏٺو وڃي تہ ان ۾ گوشت ۽ خون جا نشان نظر نہ اچن.

## بيضن جي حفاظت

1. بيضا پلاسٽڪ يا ربڙ جي ٽوڪري ۾ زخيرو ڪيا وڃن.

2. ڪڪڙين جي آکيرن مان بيضا ٽي دفعا گڏ ڪيا وڃن.
3. بيضن کي ٿڌي ۽ هوادار جاءِ ۾ رکيو وڃي.
4. گرمين (اونهاري) ۾ بيضا ٽن ڪان وڌيڪ دفعه (ڀيرا) گڏ ڪري سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ ته وڌيڪ گرمي ۾ رکڻ سان انهن جي زردي پڪڙجي وڃي ٿي ۽ سفيد سُڪي وڃي ٿي. جنهن سان بيضن جي وزن تي برو اثر پوي ٿو. بيضو جيترو تازو هوندو اوترو ئي صحت لاءِ مفيد هوندو.
5. بيضن کي سنڀالڻ وقت انهن جي درجه بندي ڪئي وڃي. گندا، ننڍا ۽ داغدار بيضا الڳ رکيا وڃن.
6. بيضن جا داغ صاف ڪري انهن کي ٿڌي جاءِ ۾ رکيو وڃي.
7. وڪرو ڪرڻ وارن بيضن کي معمولي تيل لڳائي چمڪايو وڃي جنهن سان اهي چمڪڻ لڳن ٿا. ليڪن چوزا ڪڍائڻ وارن بيضن کي تيل نه لڳايو وڃي ۽ نه ئي ڌوتو وڃي.
8. ڌوئڻ سان انهن جي اندر پاڻي هليو ويندو آهي. تيل لڳائڻ سان انهن جا سوراخ بند ٿي وڃن ٿا. جنهن سان چوزن جي پيداوار تي خراب اثر پوي ٿو.



9. بيضن کي وڌيڪ لوڏڻ ۽ جهٽڪي لڳڻ کان به بچايو وڃي، نه ته انهن جا اندروني حصا پاڻ ۾ گڏجي ويندا ۽ انهن مان چوزا تمام گهٽ نڪرندا.
10. بيضا گاسليٽ، بصر، ٿوم، خوشبودار ۽ بدبودار شين جي ويجهو ذخيرو نه ڪيا وڃن ڇاڪاڻ ته کير وانگر بيضا به هر قسم جي بوءِ ۽ بدبوءِ کان تمام جلد متاثر ٿين ٿا.
11. بيضن کي تاريخ وار گڏ ڪيو وڃي.
12. بيضا هميشه ايگ ٽري (Egg Tray) ۾ رکيا وڃن ڇوته ان ۾ ٽٽڻ جو خطرو تمام گهٽ هوندو آهي. ٽري ۾ بيضي جو سنهو سوراخ هيٺين طرف ۽ ٿلهو حصو مٿئين طرف رکڻ گهرجي، بي ترتيب طريقي سان رکيل بيضن جي جلدي خراب ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي.
13. بيضن کي گهميل جاءِ ۾ گڏ ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته گهم سوراخن جي ذريعي بيضي جي اندر داخل ٿي ان کي متاثر ڪري ٿي.
14. بيضي کي هڪ هفتي اندر وڪرو ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن جلدي وڪرو نه ٿي سگهي ته انهن کر فرج ۾ رکو. جيڪڏهن فرج نه هجي ته پسيل جاءِ تي بيضا پڪيڙي رکو ليڪن اهي بيضا پسيل هئڻ

جي ڪري چوزا ڪڍڻ لاءِ موزون نہ هوندا اهي ڪائڻ لاءِ استعمال ڪيو.

## بيضن جو وڪرو

خوبصورت رنگ ۽ قدرتي شڪل جا بيضا جيڪي ٽتل نہ هجن مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهہ تي وڪرو ٿين ٿا، تنهنڪري بيضا وڪرو ڪرڻ لاءِ هينين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي.

1. هم شڪل، هم وزن ۽ هڪ رنگ جا بيضا هڪ جاءِ تي رکيا وڃن.
2. بيضا ٿڌي وقت دوران مارڪيٽ ۾ پهچايا وڃن ٻي صورت ۾ جيئن اوهين پڙهي چڪا آهيو تہ وڌيڪ گرمي سان بيضن جي زردي ڇڊي ٿيڻ ۽ سفيدي سڪڻ جو خطرو هوندو آهي.
3. بيضن کي پيڪ ڪرڻ يعني رکڻ کان اڳ ڀهرين داغ وغيره کان پاڪ ڪرڻ ضروري آهي. بهتر هي آهي تہ انهن کي ڪنهن ڪپڙي يا ڪاغذ سان صاف ڪيو وڃي.
4. بيضن کي ويجهي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.
5. بيضن جي پيڪيٽن کي هميشہ ڇانو واري جاءِ ۾ رکيو وڃي.



6. پيڪيٽن جي اندر ڪافي مقدار ۾ ٻورو يا گاهہ پريو وڃي.

## بيضن تي هوا، گهم ۽ گرمي جي درجي جا اثر

### هوا ۽ روشني

مناسب روشني ۽ هوا سان بيضن تي سٺا اثر پون ٿا، انهن جي گهٽتائي يا واڌ سان بيضا ضايع ٿيڻ جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن.

انهي ڪري بيضن کي تازو ۽ گهڻي وقت تائين محفوظ رکڻ لاءِ مناسب روشني ۽ هوا جو انتظام هئڻ گهرجي.

### هوا ۽ گهم

هوا ۾ گهم جي تمام گهڻي گهٽتائي سان بيضي جي زردي ۽ سفيدي سُڪي وڃي ٿي، جنهن سان بيضي جو وزن گهٽ ٿئي ٿو. هوا ۾ گهم جي وڌڻ سان بيضي جي جلدي خراب ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي.

### گرمي جي درجي جي واڌ

گرمي جي درجي جي واڌ سان بيضي جي سفيدي سُڪي سنهي ٿي وڃي ٿي ۽ خول ۾ بيحد فرق ٿي وڃي ٿو.

تنهنڪري بيضن کي هميشہ ٿڌي ۽ خشڪ جاءِ تي گڏ ڪري رکڻ کپي.

جيئن تہ اسان اڳ بہ چئي چڪا آهيون تہ بيضن کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پهچائڻ وقت بہ هن ڳالھ جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ بيضا ٿڌي وقت يعني شام يا صبح جي وقت بازار وغيره پهچايا وڃن بيضن کي گندن ڪريٽن ۾ رکڻ سان جراثيم اندر داخل ٿي ان کي جلدي خراب ڪري ڇڏيندا آهن.

## چوزا ڪڍڻ لاءِ بيضن جي چونڊ

1. بيضن جو خول مضبوط ۽ سوراخن وارو هجي.
2. بيضا پراڻا نہ هجن.
3. بيضا صاف سٿري ۽ صحيح گرمي جي درجي تي گڏ ڪيل هجن.
4. بيضا اهڙين ڪڪڙين مان ورتا وڃن جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ 10 ڏھ ڏينهن ڪڪڙ رهندڙ هجي.
5. بيضا بيمار ڪڪڙين مان حاصل ٿيل نہ هجن.
6. بيضا اهڙين ڪڪڙين کان ورتا وڃن جن کي متوازن کاڌو ۽ سائو چارو جي پوري مقدار ڏنل هجي.



7. پاٽي سان ڌوتل بيضا چوزا ڪڍائڻ جي لاءِ مناسب نہ هوندا آهن.
8. بيضا ٿلها ۽ تازا هجن تہ جيئن صحتمند چوزا نڪرن.
9. بيضا هڪ ئي نسل جي ڪڪڙين جا هجن.
10. بيضا جوان ڪڪڙين جا هجن.
11. اهڙين ڪڪڙين جا بيضا نہ ورتا وڃن جن سان گڏ پوڙهو ڪڪڙ ڇڏيل هجي.

## آري لاءِ ڪڪڙين جي چونڊ

بيضن مان چوزا ڪڍائڻ لاءِ جيڪا ڪڪڙي چونڊي وڃي ان ۾ هيٺيون وصفون هئڻ ضروري آهن.



1. ڪڪڙ آري لاءِ پوري طرح تيار هجي. جيڪڏهن هو پوري طرح تيار نہ هوندي تہ ڪجھ ڏينهن بيضن تي ويهي انهنکي کي ڇڏي ڏيندي. اهڙي طرح سڀ جا سڀ بيضا ضايع ٿي ويندا.
2. ڪڪڙن کي بيضن تي ويهارڻ کان پهرين اها تسلي ڪريو تہ ان جي جسم تي جُون، ڇچڙ وغيره تہ ڪونہ آهي. ٻي صورت ۾ انهن بيمارين جا جراثيم نڪرندڙ چوزن ۾ منتقل ٿي ويندا.
3. آري واري ڪڪڙ جي هيٺيان بيضا ڪنهن ڪاني جي دٻي، مٽي جي ٿانوَ يا ڪنهن ٽوڪري ۾ ٻُوھ وجهي آيو بيضا اهڙي طرح رکو جيئن انهن جو ويڪرو حصو





ڪجھ مٿي هجي تہ جيئن ڪڪڙي چرڻ ڦرڻ دوران انهن کي ٽوڙي نہ وجهي.
4. آري لاءِ ڪڪڙ اهڙي هجي جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٻہ دفعا بيضن مان چوزا ڪڍيا هجن.
5. ڪڪڙي وڏ کان وڏ پرن ننڍين جنگهن واري هجي تہ جيئن بيضا سولائيءَ سان پنهنجي پرن جي هيٺان لڪائي سگهي.



6. آري لاءِ اهڙي ڪڪڙي چونڊيو جنهن کي بيضن تي ويهڻ جي قدرتي عادت هجي.

7. بيضا رکڻ جي ٻن ڏينهن کانپوءِ اتي جو جائزو وٺو ۽ جيڪي بيضا ڪڪڙي پنهنجي پرن جي هيٺيان لڪائي نہ رکيا هجن اهي ڪڍي ڇڏيو ۽ کاڌي طور استعمال ڪريو.



8. بيضن ڦوڙڻ کي وڌيڪ داڻو ۽ پاڻي ڏيو تہ جيئن صحتمند رهي.

9. بيضا ڦوڙڻ آري واري ڪڪڙي کي ڪڏهن بہ نہ ڍڪيو انهي کي پنهنجي مرضي سان خوراڪ ۽ پاڻي لاءِ اٿڻ ڏيو. البت جيڪڏهن ٻلي وغيره جو خطرو هجي تہ رات جو پورڻ ڪپي.



10. جيڪڏهن ڪڪڙي کي ڍڪڻ ضروري هجي تہ انهي کي 24 ڪلاڪن ۾ هڪ دفعو کاڌي لاءِ ضروري اٿاريو ۽ ان جي غير موجودگي ۾ بيضن کي ڍڪي رکيو، جيئن انهي گرم ۽ محفوظ رهن.

11. بيضا ڦوڙڻ دوران ڪڪڙي لاءِ هلڪي روشني ۽ هوا جو مناسب انتظام هئڻ گهرجي.

12. ڪڪڙي جي هيٺيان وڌ کان وڌ ٻارهن بيضا رکيا وڃن تہ جيئن اهو ان کي سولائي سان پرن جي هيٺيان لڪائي سگهي.

13. اونهاري ۾ ايڪويهن ڏينهن کانپوءِ ۽ سياري ۾ ٻاويهن ڏينهن کانپوءِ بيضن مان ٻچا نڪرڻ شروع ٿي وڃن ٿا. ٻچا نڪرڻ بعد انهن جا خول ٻاهر اڇلايو ۽ ڪڪڙي ۽ چوزن کي ڪنهن صاف جڳهہ تي منتقل ڪري ڇڏيو.

## ڪڪڙين جون بيماريون

هر سال ڪيترائي پکي مختلف بيمارين جو شڪار ٿي مري ويندا آهن. تنهنڪري هن شعبي سان لاڳاپيل حضرات کي ڪڪڙن ۾ پکڙجندڙ بيمارين جي باري ۾ ڄاڻ رکڻ نهايت ئي ضروري آهي.

راڻي کيت، ماتا، ڪالرا، پلورم، ٽائيفائيڊ، نزلو، ٽي.بي (خوني پيچس) رتاوان دست، جوئن ۽ چچڙين وغيره ان سان بچاءَ جو بهترين علاج متوازن کاڌو، صحتمند ماحول ۽ بهتر سارسنڀال آهي. ان کان علاوه انهن بيمارين جي حفاظتي ٽڪا استعمال ڪري اسين پکين کي گهڻي حد تائين بيمارين کان محفوظ ڪري سگهون ٿا. اچوته هاڻي ڪجھ بيمارين جي باري ۾ تفصيل سان ڳالھ ٻولھ ڪريون.

**راڻي کيت**

هي ڪڪڙين جي بيحد موذي ۽ خطرناڪ بيماري آهي ۽ هڪ وائرس سان پيدا ٿيندي آهي. هي وائرس يا جراثيم بيمار پکين جي پيٽ، نڪ چنهنب مان خارج ٿيندڙ پاڻي ۾ موجود هوندو آهي. راڻي کيت جو مرض تمام تيزي سان بيمار کان تندرست ڪڪڙين ۽ چوزن ۾ پکڙجي ٿو.

**نشانيون**

شروع ۾ پکي سست ۽ موڳا لڳن ٿا. ڪاڌي ۾ گهٽتائي اچي ٿي. بيمار پکي هڪ ڪنڊ ۾ گڏ ٿين ٿا وات کولي ساھ کڻن



ٿا نڪ ۽ وات مان لسيدار مادو وهڻ لڳي ٿو. وٺ پٽڙي يا دستن جهڙي هوندي آهي. بيمار ٿيڻ ڪانپوءِ اڪثر اهي پکي زنده نه بچندا آهن.

**احتياط**

1. بيمار ۽ مئل پکين کي جلد کان جلد الڳ ڪري ڇڏيو.
2. شيڊ جي مڪمل صفائي ڪرايو.
3. ڪمري جي سيني ديوارن کي چونو ڪرايو.

**بچاءُ**

انهي بيماري جي بچاءَ لاءِ چوزن کي حفاظتي ڦڙا يا ٽڪا لڳايا وڃن ٿا. اهي ٽڪا ماهرن جي مشوري سان لڳائڻ گهرجن.

ست کان ڏهن ڏينهن جي چوزن ۾ راڻي کيت ويڪسين جو پاڻي ۾ حل ٿيل هڪ هڪ ڦڙو ٻنهي اکين ۾ وجهن ٿا. انهي ڪانپوءِ چئن هفتن ۽ پوءِ سورنهن هفتن جي عمر ۾ چمڙي جي اندر ٽڪو لڳايو وڃي ٿو.

## پلورم

هي مورثي بيماري آهي ۽ ڪڪڙي کان چوزن تائين پهچندي آهي. هن بيماري ۾ چوزا بيضن کان نڪرندي ئي بيمار ٿي وڃن ٿا. هي تمام ڪمزور هوندا آهن. سائي رنگ جون نرم نرم رونئون ڪن ٿا. ونيون لسيدار هئڻ جي ڪري ان جي جسم جي پوئين حصي تي چهٽي پون ٿيون. بيمار ٿيڻ ڪانپوءِ 30 کان 40 سيڪڙو چوزا مرڻ شروع ٿي وڃن ٿا. هن بيماري جا جراثيم بيمار ڪڪڙين جي اندر داخل ٿي وڃن ٿا. جنهن ڪري هي بيماري بيضن مان نڪرندڙ چوزن ۾ پکڙجندي آهي. اهڙن چوزن کي سلفاميٿاڊائن پاڻي ۾ ڳاري ڏيو ته نتيجا سٺا ملندا.

## ماتا

پکين کي ماتا جي بيماري کان بچائڻ لاءِ پهريون انن هفتن جي عمر جي چوزن کي لڳايو پوءِ ٻيو ٽڪو ان وقت لڳايو جڏهن پکين جي عمر ڇهه مهينا ٿي وڃي.

## رتاوان دست

هن بيماري جا جراثيم ڪڪڙين جي معدي ۽ نيڪال واري جاءِ جي اندر موجود هوندا آهن. هي جراثيم انهن جي



آنڊن ۾ واڌ ويجهه شروع ڪن ٿا. ۽ آنڊن کي زخمي ڪري وجهن ٿا جنهن ڪري چوزا مرڻ شروع ڪن ٿا. هن بيماري ۾ مبتلا چوزا ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏين ٿا ۽ انهن جي ونين سان گڏ رت اچڻ شروع ٿي وڃي ٿي. انهي حالت ۾ پکين کي سلفاڊاٽماڊين پاڻي ۾ ملائي ڏيڻ سان هن بيماري ۾ فرق اچي وڃي ٿو. ليڪن رتاوان دستن لاءِ ڪوبه هڪ دوا لڳاتار استعمال نه ڪئي وڃي دستن جون ٻيون به ڪڪڙين لاءِ دوائون موجود آهن.

## نيوڪيسل

نيو ڪيسل بيماري جي بچاءَ لاءِ ويڪسين (ٽڪا) نهايت ضروري آهن. چوزن جي نڪ ۾ اکين ۾ دوا جا ڦڙا وڌا وڃن ويڪسين جو پکين تي اسپري يا ڇٽڪار به ڪري سگهجي ٿو.

## ڇڇڙيون

ڇڇڙيون سان پکين کي بخار ٿي ويندو آهي. جنهن سان وڏي پيماني تي نقصان ٿيندا آهن. ڳوناٺي سطح تي تمام گهڻ ڪڪڙيون هن حملي کان محفوظ رکي سگهجن ٿيون. انهي لاءِ شيڊ جي مڪمل صفائي رکڻ بيحد ضروري

آهي. فرش، جراثيم ڪش (لال دوا) ڪاربوڪ اسيڊ وغيره دوائون مليل پاڻي سان ڌوتو وڃي.

اهڙي طرح ٻين بيمارين کان بچاءَ لاءِ فارم جي صفائي جو بيحد خيال رکڻ ضروري آهي. جڏهن ٻه ڪنهن ڪڪڙين يا چوزي جي بيماري هئڻ جو شڪ هجي ته انهي کي فوراً ٻين پکين کان الڳ ڪريو. علاج ۽ حفاظتي ٽڪن جي باري ۾ ڪنهن مستند پولٽري فارم يا جانورن جي ڊاڪٽر کان معلومات حاصل ڪريو.

## ڪڪڙين ۾ خراب عادتون

ڪڪڙين ۾ خراب عادتون هڪ ناپسنديده عمل آهي. جيڪو هڪ يا ان کان وڌيڪ پکين ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو. ۽ هي موت جي شرح ۾ اضافي ۽ ڪاروبار ۾ نقصان جو سبب بڻجي ٿو. ڪڪڙين ۾ خراب عادتون هينيون ٿي سگهن ٿيون.

### گوشت کائڻ جي عادت

هي عادت بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين (ليئرز) ۽ برائيلر ٻنهي ۾ ٿي سگهي ٿي. پکين ۾ جڏهن هي عادت پيدا ٿي



ويندي آهي ته هو ٻين پکين تي حملو ڪري انهن کي زخمي ڪري ڇڏين ٿا. ٻيا پکي زخم کي پڻ کوٽين ٿا. ايتري قدر جو زخمي پکي رت وهي وڃڻ جي ڪري آخرڪار مري ويندا آهن. هڪڙي ئي واقعي سان سڄي فلاڪ ۾ انهي خراب عادت جو رجحان عام ٿي ويندو آهي. گوشت خوري يا ڪيترائي قسم آهن. مثال طور:

1. پڇ کي پٽڻ
2. پرن کي پٽڻ
3. پيرن کي پٽڻ موڙ کي پٽڻ

***

1. ٿوري جاءِ ۾ وڌيڪ پکي رکڻ
2. فارم ۾ جيڪڏهن هوا جي آمدورفت جو نظام درست نه هوندو. ته ٻه ڪڪڙين ۾ بيچيني پيدا ٿي ويندي آهي. جنهن ڪري اهي پاڻ ۾ وڙهڻ ٿيون ۽ جڏهن هڪ دفعو رت جو مزو چکي وٺن ٿيون ته گوشت کائڻ تي لهي اچن ٿيون.
3. جيڪڏهن بروڊر (چوزن کي هٿرادو طريقي سان پالڻ واري مشين) جو گرمي جو درجو وڌيڪ هجي ته ان سان چوزن جي جسم ۾ سوئيون لڳندي. محسوس ٿين

ٿيون جنهن سنا چوزا هن عادت جو شڪار ٿي ويندا آهن.

4. جيڪڏهن ڪڪڙيون، برائيلرز يا چوزن کي کائڻ ۽ پيئڻ جي لاءِ مناسب ضرورت جي مطابق جڳهه نه ڏني ويئي ته هو هڪ ٻئي کي پٽين ٿا.
5. ڳوڙهين جي صورت ۾ خوراڪ ڪارائڻ.
6. خوراڪ ۾ وڌيڪ مڪائي به انهي جو سبب آهي.
7. ڪڪڙين کي ڪاڏي کان بغير رکڻ
8. بيضن جي آکيرن جو تعداد گهٽ هجڻ
9. تمام گهڻي بلب جي روشني هجڻ
10. ڪاڏي ۾ غذائي جزن، لوڻيات يا لحميات جي گهٽتائي هوندي آهي.
11. ڪڪڙين کي جسم تي ٻاهرين ڪيڙن جي موجودگي يا رهائشي ڪمرن (شيڊ) ۾ ڪيڙن جي موجودگي.

## پڇ جو پٽڻ

هي گهڻو ڪري گهڻي تعداد ۾ بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين ۾ ملي ٿي ڪڪڙين ۾ پوئين حصي جو ٻاهر نڪرڻ يا وڏي بيضي سان سوراخ (Arms) جو زخمي ٿيڻ هن جو سبب بڻجي ٿو. ڪڪڙيون جڏهن رت جو مزو چکن ٿيون



ته گوشت خوري تي لهي اچن ۽ انهن کي جاري رکن ٿيون.

## پرن جو پٽڻ

هي اڪثر ڪري انهن پکين ۾ ڏٺو ويجي ٿو جن کي ٿوري جڳهه ميسر هجي. غذائي جزا ۽ لوڻيات جي گهٽتائي هن جو هڪ سبب آهي. ان ڪانسواءِ ٿي سگهي ٿي. ان ڪانسواءِ آنڊن جي سُوخ، غذائي جزن جو پوري طرح هضم ٿيڻ نه ڏينديون.

## پيرن کي پٽڻ

جيڪڏهن چوزن جي پيرن ۾ ڪا شيءِ لڳي وڃي ته انڪري رت وهي يا چوزا پسيل ٻوري تي رهن تي ٻوري انهن جي پيرن جي هينيان ڇمي سخت ٿي وڃن ٿا ۽ آخر هي زخم جو سبب بڻجن ٿا. ان ڪانسواءِ گهڻي دير تائين ڪاڏي جو نج ملڻ ڪاڏي جي ٿانون جو تمام مٽي هجڻ يا بروڊر کان پري هجن يا ٿوري تعداد ۾ هئڻ به انهي جا سبب بڻجن ٿا.

## موڙ کي پٽڻ

موڙ تي وڙهڻ دوران يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري زخم ان جو سبب بڻجي ٿو.

## گوشت کائڻ کان ڇوٽڪارو

هن عادت کان بچائڻ لاءِ چوزن جي چهنب ڪٽي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن ڪڪڙيون هڪ ٻئي کي ماري رتورت نه ڪري سگهن. بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين ۾ عام رواجي هڪ ڏينهن، چار هفتا، اٺ هفتا يا پوءِ ارڙهن هفتن تائين جي عمر ۾ چهنب ڪٽڻ کپي ڪڪڙين کي هڪ ڏينهن جي عمر ۾ پوءِ ٽن کان پنجن هفتن جي عمر ۾ چهنب ڪٽڻ گهرجي. ننڍي عمر جو چوزن، بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين ۽ پکين ۾ مٿئين چهنب 2/3 حصا ۽ هيٺين 1/3 حصي تائين ڪٽڻ گهرجي 18 هفتن جي عمر وارين ڪڪڙين ۾ مٿئين ۽ هيٺين چهنب ٿوري برابر ڪٽڻ گهرجي.

1. ڪڪڙين کي لوڻ جو ٿوري مقدار ڏيڻ گهرجي ۽ راشن ۾ چانور يا ڪٽڪ جو چاڻ وڏيڪ ملائڻ سان به بچاءَ ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڏهه کان پندرهن سيڪڙو



گوشت جو چورو ڪاڌي جي فارمولي ۾ ملايو تڏهن به جي بري عادت ڇٽي وڃي ٿي.

2. ڪمري ۾ ڳاڙهي رنگ جو بلب رات جي وقت ٻاريو دروازن ۽ درين تي هلڪو ڳاڙهو رنگ ڪريو ته جيئن زخمي چوزن کي رت نظر نه ايندو ۽ ٻيا چوزا ان طرف ڌيان نه ڏيندا.
3. ڪاڌي يا پاڻي ۾ حياتين ۽ لوڻياٺ وجهو
4. اندرين ۽ ٻاهرين ڪيڙن جي خاتمي لاءِ دوائون استعمال ڪريو.
5. انهن سڀني سببن جو خاتمو ڪيو وڃي جيڪي گوشت خوري جو سبب بڻجن ٿا مثال طور خوراڪ ۽ پاڻي جي لاءِ مناسب ضرورت جي مطابق جاءِ ڏني وڃي هوا جي آمدورفت جو مناسب انتظام هجي تيز روشني کان پرهيز ڪئي وڃي.
6. زخمي پيرن ۽ چنبن کي بورڪ ايسڊ ۽ زنڪ لڳايو ته جيئن رت کي روڪي سگهجي ۽ جڏهن زخمي چوزي کي ٻيهر فلاڪ ۾ وڌو وڃي ته پيرن تي (Creosote) سوليوشن لڳايو جيڪو نه فقط جراثيم ڪش آهي. بلڪ ان جو ناخوشگوار ذائقو چوزن کي ٻيهر پيرن کي پٽڻ کان پري رکي ٿو.

7. بيضن جو کائڻ

هي اهڙي خراب عادت آهي جو جيڪڏهن هڪ ڀيرو ڪنهن ڪڪڙي ۾ پئجي وڃي ته مشڪل سان ڇٽندي آهي. هن عادت ۾ مبتلا ڪڪڙيون تمام سولائي سان سڃاڻي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته ان جي چنهب تي زردي يا سفيدي لڳل نظر ايندي آهي.

## سبب / ڪارڻ

جيڪڏهن ڪڪڙي جو آکيرو تمام ننڍو هوندو ته ان ۾ ويهي بيضا آساني سان نه ڏيئي سگهندي هجي ته بيضن جي ڀڃڻ جا وڏيڪ امڪان هوندا آهن يا اوچتو ڪو بيضو ڪڪڙي جي پيرن جي هيٺيان اچڻ سان ٽٽي وڃي ته ڪڪڙي ان کي چکي ته ان جو ذائقو ان کي مزيدار لڳي ٿو ۽ هي لذت انهي کي انهي بري عادت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي.

## مصري ڪڪڙيون

هي ڪڪڙيون گذريل 24 سالن کان پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ ملن ٿيون هنن ڪڪڙين جو اصل ملڪ مصر آهي. جتي هن جي تاريخ پراڻي اهميت واري آهي.



پاڪستان ۾ هن کي 1977ع پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڪراچي ۾ آندو ويو. هن جو اصل تعلق مور واري نسل سان آهي. ظاهري ڏيک ديسي ڪڪڙين جهڙو آهي. يعني ڪارو اڇو رنگ آهي. جڏهن ته ڪن جو هيٺيون حصو ڳاڙهو ٿئي ٿو. چمڙي اڇي پيلي هوندي آهي.

هن جو وزن جسماني طور تي 20 هفتن ۾ 1-5 ڪلوگرام آهي. هي 72 هفتن تائين ڏيندي آهي. آخر هن جو وزن 2 ڪلوگرام ٿيندو آهي. هي زندگي ڀر 42 ڪلوگرام کائيندي آهي. 223 آنا ڏيندي آهي. آني جو وزن اندازاً 48 گرام خاڪي هوندو آهي. هن نسل ۾ پڪڙجندڙ عام بيمارين کان بچاءَ لاءِ ڪافي قوت برداشت موجود آهي. ان ڪري بيماريون تمام گهٽ ٿين هي سخت سردي ۽ سخت گرمي ۾ پڻ آنا ڏيندي آهي.



ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ مصري نسل جي چوزن کي پالڻ لاءِ مفيد مشورن تي عمل ڪري هنن کي پنهنجي آمدني جو ذريعو بنايو.

## 1. نسل ۽ سندن واڌارو

(1) هي نسل اسان جي ٻهراڙيءَ ۾ پلجندڙ ديسي نسل جي چوزن وانگر سخت جان آهي.

(2) هي نسل جي چوزن ۽ ڪڪڙين جا فارم به کولي سگهجن.





تا ۽ گهريلو ماحول ۾ به پالي سگهجن ٿا.

(3) ديسي نسل جي چوزن کي ماءُ پنهنجي کنڀن ۾ لڪائي گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچائيندي آهي. ليڪن مصري چوزن کي مصنوعي طور تي پهريائين چار هفتہ بجليءَ جي بلب يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ماءُ واري عمل ڏيکاريو ويندو آهي.

(4) هن نسل جون ڪڪڙيون ديسي ڪڪڙين جي مقابلي ۾ وڌيڪ بيضا ڏين ٿيون. هڪ اندازي مطابق سال ۾ في ڪڪڙ به سؤ بيضا ڏين ٿيون. گوشت به کائڻ ۾ ديسي ڪڪڙين جهڙو ٿيندو آهي.

(5) مصري ڪڪڙيون ”ڪڙڪ“ نٿيون ٿين. پر جيڪڏهن توهان مصري ڪڪڙين جي بيضن مان ٻچا وٺڻ چاهيو ٿا ته ديسي ”ڪڙڪ“ ڪڪڙ هيٺيان رکو ايڪويهين ٻچا ڦٽندا.

## 2. سار سنڀال

(1) مرغباني ۾ چوزن پالڻ جو مرحلو تمام اهم هوندو.

(2) چوزن رکڻ کان پهريائين جاءِ جي صفائي ڪرڻ ضروري آهي.

(3) چوزن رکڻ کان پهريائين خوراڪ ۽ صاف پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي.

(4) خوراڪ ۽ پاڻي تازو ڏنو وڃي. ڪاڏي ۽ پاڻيءَ جي ٿانون کي صبح شام صاف ڪيو وڃي.

(5) جڏهن ڪڪڙيون بيضا ڏيڻ شروع ڪن ته بيضن لاءِ کڏين جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ روز صبح جو بيضا ڪٺجن ۽ حفاظت سان رکجن.

(6) مصري نسل جي ڪڪڙ خرچ وغيره ڪڍي هڪ روپيه روزانو بچائي ڏئي ٿي.

## 3. خوراڪ

(1) هن نسل جي چوزن يا ڪڪڙين کي نهيل خوراڪ ڏيو. جيڪڏهن وسائل گهٽ آهين ته اهي گهمي ڦري ڪائي اڌ پيٽ پري سگهن ٿيون ۽ اڌ ڪٽڪ جو ڏارو، چانورن جو ڏارو، مڪائي جو ڏارو ملائي ڏجي ۽ ان کان علاوه سائو گاهه جهڙوڪ: برسيم، سٿالو وغيره به ڏجي ته بهتر ٿيندو. تازو بچيل ماني، ٻوڙ به ڏجي پر اها پڪ ڪجي ته سينواريل يا خراب نه آهي.

## (2). 4 عام بيمارين ۽ بچاءَ

جانورن وانگر ڪڪڙين ۾ به اڻ وڃڙندڙ ۽ وڃڙندڙ



بيماريون ٿين ٿيون. ۽ اهي نقصان پڻ رسائن ٿيون. اڻ وڃڙندڙ بيمارين کان بچاءَ لاءِ اڳوات ٽڪا هڻايو.

## 1. راڻي کيت

هي هڪ وڃڙندڙ بيماري آهي، جنهن کي عام طور ”لڙهو“ چيو ويندو آهي. انهيءَ بيماريءَ کان بچاءَ جا ٽڪا هنيا ويندا آهن.

(2) ٽڪن هڻڻ جو طريقو ۽ ٽائيم

چوزن جي ڄمڻ کانپوءِ ستين ڏينهن اک ۾ ڦڙا وڌا ويندا آهن. ان کانپوءِ ايڪويهين ڏينهن ٽڪو هنيون ويندو ۽ ان کانپوءِ هر ٽئين مهيني بچاءَ جا ٽڪا هنيا ويندا آهن.

## 3. ماتا

هن بيماريءَ کان به بچاءُ جا ٽڪا لڳايا ويندا آهن، جيڪي ڇهين هفتي جي عمر ۾ لڳندا آهن.

## 4. ڪاڪسي ڊيوسس

رتانوان دست پيٽ جا ڪيڙا وغيره انهن بيمارين جو به علاج موجود آهي. مٿين بيمارين جون ڪڪڙين ۾

علامتون ظاهر ٿين ته فوراً ڪڪڙين جي پالڻ واري ڪاتي جي ماهر ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو وڃي. انهن بيمارين جو علاج بچاءُ موجود آهي.

## ڪڪڙين جي پالنا جو ڪئلينڊر

### جنوري

هن مهيني ۾ سردي پنهنجي جوبن تي هوندي آهي ۽ گهٽ گرمي جي درجي جي ڪري بيضا ڏيڻ وارين ڪڪڙين ۾ پيداوار گهٽجي وڃي ٿي ۽ گوشت وارين پکين جي واڌ



تي پڻ ڪافي اثر پوندو آهي. تنهنڪري پکين کي سيءُ کان محفوظ رکڻ لاءِ هن ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته فارم



جي اندر گرمي جو درجو گهٽ نه ٿي وڃي، گرمي جو درجو 80 تائين برقرار رکيو وڃي ته جيئن پکين جي پيداوار ۽ نشونما متاثر نه ٿئي.

اُسَ نڪرڻ تي فارم جون دريون کولي ڇڏجن ته جيئن فارم جي اندر اُسَ پوي ۽ پورو خشڪ رهي. ڇاڪاڻ ته گهم جي ڪري بيماري جا جراثيم ۽ اندريان ڪيڙا پيدا ٿين ٿا.

مختلف بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ دوائون وٽرنري ڊاڪٽر جي مشوري سان استعمال ڪرايو.

### فيبروري

هن مهيني ۾ ڪن علائقن ۾ ڪافي سيءُ پوندو آهي ۽ 15 فيبروري کانپوءِ موسم خوشگوار ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. هي مهينو ڪڪڙين جي نسل وڌائڻ لاءِ تمام موزون آهي. هن مهيني ۾ بچا ڪڍائڻ وارن بيضن جي لاءِ ڪڪڙين کي ڪڪڙ سان گڏ 10-1 نسبت سان رکيو وڃي ته وڌيڪ پيداواري صلاحيت وارا بيضا حاصل ٿي سگهن ٿا.

ڳوناٺي سطح تي آري واريون ڪڪڙيون بيضن تي ويهاري سگهجن ٿيون.

جيڪڏهن هن مهيني ۾ به سيءُ وڌيڪ هجي ته هٽرادو

طور تي فارم کي گرم رکيو وڃي. انهي لاءِ بجلي جا هيٽر ۽ ڪوئلي جي سگري استعمال ڪري سگهجي ٿي.



چوزا ڪڍائڻ لاءِ موزون بيضن جي چونڊ تمام ضروري آهي وزن 20 ڪلوگرام کان گهٽ نہ هجي چلڪو هموار ۽ چمڪدار هجي. ڪوشش ڪئي وڃي تہ انهن نسل جي ڪڪڙين سان نسل ڪشي ڪرائي وڃي. جنهن نسل جون ڪڪڙيون هجن تہ جيئن اهو نسل برقرار رهي ڪڪڙ ۽ ڪڪڙين جو صحتمند هئڻ بہ ضروري آهي.



## مارچ

هني مهيني ۾ سيءُ گهٽجي ويندو آهي. ۽ بهار جي موسم شروع ٿي ويندي آهي. تنهنڪري موسم جي لحاظ سان فارم جي هڪ پاسي جا پليا لاهي ڇڏيو.

گذريل مهيني جا رکيل بيضن مان چوزا نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن. موسم جي تبديلي جي ڪري چوزن جي پرورش پالنا ۾ سولائي ٿيندي آهي. ۽ ان دوران نڪرندڙ چوزا ايندڙ سردي جي موسم جي شروعات تائين بيضا ڏيڻ شروع ڪندا آهن. چوزن نڪرڻ جي ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ راڻي ڪيت ويڪسين 1-5 ڳار ٺاهي هر چوزي جي اک ۾ هڪ هڪ ڦڙو وجهو، اٺن هفتن جي عمر ۾ ماتا جو ٽڪو لڳايو، 4-6 هفتن جي عمر ۾ اڪثر رتاوان دستن جو امڪان هوندو آهي. انهي کان بچاءَ لاءِ وٽرنري ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو. تجويز ڪيل دوائون هدايتن جي مطابق استعمال ڪريو ڪمرن ۾ 40 واٽ جو بلب لڳايو تہ جيئن پکين ۾ وڌيڪ روشني جي ڪري پٽڻ جي عادت نہ پوي. ڏينهن ۾ ٻہ ٽي پيرا ٿرماميٽر سان گرمي جو درجو نوٽ ڪريو. ڪاروباري سطح تي بروڊر جي ذريعي چوزن جي پالنا دوران گرمي جي درجي جو خاص خيال رکيو وڃي ۽ ٿرماميٽر جي ذريعي

گرمي جو درجو نوٽ ڪرڻ گهرجي.

## اپريل

هي مهينو چوزن جي نشونما جي لحاظ کان خاص اهميت رکي ٿو.



چاڪاڻ ته هن مهيني ۾ موسمي اثرن جي ڪري بهتر نشونما ٿيندي آهي. تنهنڪري ضروري آهي ته چوزن جي عمر ۽ وزن جي حساب سان الڳ ڪيو وڃي ته جيئن



ويڪري جاءِ ۽ صحيح خوراڪ ملڻ جي ڪري چوزن جي پرورش موزون ٿئي. هڪ هفتي کان انن هفتن تائين جي عمر جي 100 چوزن کي 100 چورس فوٽ جڳهه گهربل هوندي آهي. چوته هن مهيني ۾ موسم ڪافي بدلجي وڃي ٿي. انهي ڪري خاص خيال رکيو وڃي.

ٻورو آلو ٿيڻ تي جلد تبديل ڪريو.

ڪنهن قسم جي بيماري جي صورت ۾ ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو ته ڏنل هدايتن تي سختي سان عمل ڪريو، بيمار پکين کي صحتمند کان الڳ ڪريو. ضرورت کان وڏيڪ ۽ سٺي نشونما وارا چوزا وڪرو ڪريو.

هي مهينو به چوزا ڪيائڻ لاءِ موزون آهي.

## مئي

هن مهيني کان اونهارو شروع ٿي ويندو آهي. هن مهيني ۾ ڪيل چوزن مان سنا نتيجا نٿا ملن چوزن جي نشونما ۾ به گهٽتائي اچي ويندي آهي. ۽ خوراڪ جي نسبت چوزا پاڻي وڏيڪ پيئندا آهن. ٻن پهرن جي وقت پکين کي گرمي جي شدت کان بچائڻ لاءِ درين تي پليا يا ٻوريون لڳائي پاڻي جي ڇٽڪار ڪريو، ڪڪڙين کي تعداد جي مطابق جاءِ فراهم ڪريو ته جيئن هڪ ٻئي کي زخمي نه ڪن گرمي

ڪان بچاءَ لاءِ ڪمرن کي ٿڌو رکو. پيئڻ جو پاڻي ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا ضرور تبديل ڪريو، جن پکين کي ماتا جو ٽڪو نہ لڳايل هجي انهن کي ماتا جو ٽڪو لڳرايو، جيڪڏهن تجارتي سطح تي چوزن جي پرورش مشين (بروڊر) سان ڪئي وڃي تہ گرمي جي درجي ۾ هر هفتي گھٽتائي ڪندا رهو. اهڙي طرح 6 يا 7 هفتن ڪانپوءِ بروڊر جي ضرورت نہ رهندي. ڪمزور پکين جي ڇانٽي ڪري انهن کي وڪرو ڪجن. برائلر چوزا هجن تہ انهن جو وڪرو جاري رکو ۽ وڌيڪ فرئلر چوزا نہ گھرايا وڃن.

## جُون

هي سال جو گرم ترين مهينو آهي. هن ۾ ڪڪڙيون پر ڪيرائين ٿيون ۽ ڪمزور ٿي وڃن ٿيون. گرمي جي ڪري ڪاڌو گھٽ ۽ پاڻي وڌيڪ پيئڻ ٿيون. تنهنڪري ڏينهن ۾ ٽي چار ڀيرا صاف ۽ ٿڌو پاڻي ڏيڻ گھرجي، ٻنپهرن جو ڪڪڙين کي لک ڪان بچائڻ لاءِ فارم جي درين تي، چڪون لڳل رهڻ ڏيو جيڪڏهن بجلي هجي تہ پوءِ پنکا بہ استعمال ڪري سگھجن ٿا. مارچ اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ نڪتل چوزا عمر جي لحاظ ڪان الڳ الڳ رکو رات جو ڪمرن ۾



بلب ٻاري ڇڏيو تہ جيئن رات جو پکي خوراڪ کائي سگھن.

آنڊن جي ڪيڙن جي بچاءَ لاءِ ڪمرن ۾ ڪيومڪس هڪ سيڪڙو ڳار تيار ڪري ڇٽڪار ڪريو. ٻئي ڪنهن بہ بيماري جي صورت ۾ ڊاڪٽر سان رجوع ڪريو.

## جولاءِ

هن مهيني ۾ شديد گرمي هوندي آهي. تنهنڪري اهي انتظام برقرار رکو جيڪي گذريل مهيني ڪيا ويا هئا. احتياط جي طور تي فارم ۾ ٻاهران ڪوبہ ڪڪڙ پکي نہ اچڻ ڏيو.



چاهي هو صحتمند چونہ هجي. جيتوڻيڪ هڪ ڏينهن جا چوزا آٽي سگهجن ٿا. پر ڪيرائڻ جي دوران جيڪي ڪڪڙيون بيضا ڏيڻ بند ڪن انهن کي وڪرو ڪيو وڃي. فارم جي اندر صفائي جو خاص خيال رکو. فارم جي چوداري ۽ نالين ۾ چن ڇڙڪايو. بيماري جي دوران مرڻ وارين مئل ڪڪڙين کي کڏ کوٽي دفن ڪريو، ۽ بيماري جي سڃاڻپ واري ليبارٽري جي سهولت دستياب هجي تہ بيمار ۽ مئل پکين جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ۽ ڊاڪٽر جي هدايت تي عمل ڪريو.

ڪنهن ٻئي فارم کان ڪوبہ پکي، برتن يا ڪو ٻيو سامان هرگز نہ آڻيو.

## آگسٽ

هي مهينو گذريل سال رکيل ڪڪڙين جو تقريباً آخري مهينو هوندو آهي. ڪڪڙين جي ڇانٽي جاري رکو ۽ بيضا نہ ڏيڻ وارين ڪڪڙين کي وڪرو ڪريو.

چوزن کي برسات، اُسَ، گرمي وغيره کان بچائڻ جو ضروري انتظام جاري رکو.

گذاريل مهينن مطابق ڪمرن جي اڳيان پردا يا چِڪ لڳل



رهڻ ڏيو ۽ ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا پاڻي ضرور تبديل ڪريو. چوزن جي سارسنڀال گذريل نموني ڪريو ۽ مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويجهي جانورن جي اسپتال سان رجوع ڪريو.

## سيپٽمبر

هن مهيني جي موسم ڳوناٽي ڪڪڙين جي پالنا شروع ڪرڻ لاءِ بهترين آهي. تنهنڪري هي مهينو ڪڪڙين جي پالنا جي لاءِ نئي سال جو آغاز چورائيندو آهي. آري جي ڪڪڙي يا مشين کان ٻچا ڪڍائڻ جي لاءِ ڀهرين سيپٽمبر کان ئي ڪڪڙين ۾ ڇڏيا وڃن تہ جيئن هن مهيني جي وچ ڌاري چوزا ڪڍائڻ لاءِ سنا بيضا حاصل ٿي سگهن ٿا. سني نسل جي ڇهين ڪڪڙين لاءِ هڪ ڪڪڙ ڪافي هوندو آهي. موسم ۾ تبديلي جي ڪري هن مهيني موت جي شرح تمام گهٽ هوندي آهي. چوزن کي راڻي ڪيت جو ٽڪو ضرور لڳرايو. بيمار چوزن کي تندرست چوزن کان الڳ ڪريو بروڊر جي ذريعي پاليل چوزن جو گرمي جو درجو ڀهرين هفتي 95 رکو هر هفتي پنج درجا گهٽ ڪندا جو پنجين يا ڇهين هفتي ڪانپوءِ گرمي جو درجو 70 ٽي وڃي.

## آڪٽوبر

هن مهيني ۾ ڪڪڙيون بيضا ڏيڻ شروع ڪري ڏين ٿيون تنهنڪري فارم ۾ ضرورت جي مطابق بيضن لاءِ دٻا رکو ۽ ان ۾ ٻورو وغيره وجهو ته جيئن بيضا ٽٽڻ کان بچي پون انهي ڪانسواءِ ڪمزور ڪڪڙ ۽ ڪڪڙيون ڪڍي ڇڏيو ٻاهران ڪابه شيءِ ايتري قدر جو ڪوبه شخص به فارم جي پنڊال ۾ داخل نه ٿئي. چاڪاڻ ته انهي مان وچڙندڙ بيماري پکڙجڻ جو خطرو هوندو آهي. نون چاول چوزن جي لاءِ گرمي جو درجو معمول مطابق ساڳيو رکو ۽ ڏينهن ۾ ٻه ٽي دفعا نوٽ ڪندا ڪريو.

برودر جي چوڌاري جاري لڳايو ته جيئن چوزا ٻاهر نه وڃي سگهن. روز بروز چوزن جي لاءِ جاءِ وڌائيندا رهو. انن هفتن ڪانپوءِ چوزن ڪي چمڙي جي بخار جو ٽڪو لڳايو. چوزن ڪي هڪ ٻئي ڪي چنهب هڻڻ کان بچائڻ لاءِ انهن جي مٿئين چنهب مشين (ڊري ڊيڪر) سان ڪٽي ڇڏيو. برسات جي موسم ڪانپوءِ ڪڪڙين ڪي ايندڙ ٿڌي موسم کان بچائڻ لاءِ فارم جي ضرورت مرمت ڪرايو.



## نومبر

اسان وٽ هن مهيني ۾ سيءُ پوڻ شروع ٿين ٿا. پکين ۾ سيءَ جي ڪري دائمي ڪنگهه يا وبائي زڪام جون نشانيون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. اهڙي صورتحال ۾ بيمار پکين جو مناسب علاج ڊاڪٽر جي مشوري سان ڪريو. وڏن چوزن ڪي وڏن ۽ هوادار ڪمرن ۾ منتقل ڪريو. ننڍن چوزن ڪي بروڊر جي هيٺيان مناسب گرمي جو درجو ڏيو. بيمار ۽ سست چوزن ڪي الڳ رکو پکين ۾ خوراڪ جي تبديلي آهستي آهستي ڪريو.

سيپٽمبر، آڪٽوبر جا نڪتل چوزا ڪافي تيز ۽ چست هوندا آهن. انهن ڪي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرايو. جاريدار جهنگلن جي مرمت ڪرايو. فرش گهم وارو نه هجي، خشڪ ٻورو وڇايو وڃي، صفائي جو خاص خيال رکو.

هر روز چوزن ۽ فارم جو معائنو ضرور ڪريو.

## ڊسمبر

هي انتهائي ٿڌو مهينو هوندو آهي ۽ قدرتي ڳالهه آهي ته ڪڪڙيون تمام جلد متاثر ٿين ٿيون. تنهنڪري سيءَ جي

ڪري بيضن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي. جڏهن ته هن مهيني ۾ بيضن جي ڳهرج وڌي ويندي آهي. تنهنڪري ضروري آهي ته موسم جي شدت جي مطابق فارم ۾ گرمي جو درجو 80 تائين قائم رکيو وڃي. وڌيڪ بيضن لاءِ سٺي ۽ متوازن خوراڪ ڏيو.

ڪڪڙيون جڳهه جي مطابق رکو ته جيئن انهن کي کائڻ پيئڻ ۾ تڪليف نه ٿئي بيضا ڏيڻ واري ڪڪڙي جي جسامت مطابق 2 کان 3 چورس فوٽ گوشت وارين پکين کي چورس فوٽ جڳهه فراهم ڪرڻ گهرجي.



## زهري زباني

وڏا ماڇيون جي غريب رن زال آهيان، منهنجو تعلق غريب گهراڻي سان آهي. ننڍپڻ ۾ منهنجو رشتو منهنجي مائٽن پنهنجي عزيز سان ڪرايو، بدقسمتي چئجي يا رب جي رضا، اسان کي ڪوبه اولاد ڪونه ٿي سگهيو، هڪ دفعي منهنجو مڙس عبدالعزيز ڳوٺ کان بس وسيلي خيرپور وڃي رهيو هيو ۽ بس خيرپور جي پل کان جڏهن گذري ته سڌو وڃي روهڙي ڪئنال ۾ ڪري. ان بس جا 19 مسافر فوت ٿي ويا. جنهن ۾ منهنجو مڙس به شامل هيو. ان خبر منهنجي مستقبل کي تاريڪ ڪري ڇڏيو. آنءُ بي سهارا ٿي ويم. عبدالعزيز روز ڪمائي ايندو هيو ته گهر جي چلهه ٻرندي هئي، هينئر اها چلهه ٻرڻ بند ٿي وئي.

مٽ مائٽ به آخر ڪيتري مدد ڪن، هلندي هلندي انهن به منهن ڦيري ڇڏيو. پاڙي وارن کان خير خيرات جي ماني تي گذر ٿيندو هيو.

هڪ دفعي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن وارا اسان جي ڳوٺ ۾ آيا، انهن جي گڏجاڻي ۾ مان به شامل ٿيم، مون بي واهه لاءِ روشني جو ڪرٽو ٽي سرسو وارا اپريا.

هنن جي ڳالهين مون تي وڏو اثر ڪيو. مون ڪي هنن تنظيم "سچل" جو ميمبر ڪيو. قرض ڏيڻ وارن جي ٽيم مون کي 9000 هزار ڏنا. جنهن مان مون ڪڪڙيون پاليون جيڪي روز آنا ڏينديون هيون. اهي آنا اوڙي پاڙي ۾ ڳوٺ وارن ۾ وڪڻڻ لڳيس ايئن منهنجي آمدني ۾ اضافو ٿيندو ويو.

اڄ مان ننڍو پولٽري فارم گهريلو سطح تي هلايان ٿي، تنظيم سازي جي عمل ڪري مون کي گهڻائي بيا فائدا به حاصل ٿيا آهن. جنهن سان دل ۽ دماغ ڪلندي حوصلو ۽ همت وڌي آهي.

اڄ مان ڪنهن کان خيرات جي ماني ڪونه ٿي گهران. بلڪ الله جو شڪر آهي پنهنجي گهر مان خير ڏيان پئي. ۽ پنهنجو گذر سفر ڪندي عزت جي زندگي گهاريان ٿي.



## سُمل جي سياڻپ

مسمات سُمل رتوديرو تعلقو لاڙڪاڻي جي همت ڀري عورت آهي، جنهن همت ڪندي ڊي.سي لاڙڪاڻو کي ڪليل ڪچهري ۾ درخواست ڏيندي لينڊليس هاري پراجيڪٽ تحت زمين حاصل ڪئي، پاڻ غريب نه هئي پر همت ڪڏهن به ڪونه هاريائين ۽ اهڙو اتساهه ٻين عورتن کي به ڏيندي رهي.

زمين حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سرسو جي عملي سان لهه وچڙ ڪندي پنهنجي زمين آباد ڪرايائين. سرسو جي عملي کيس چئن ايڪڙن تي ٻج پاڻ نه ڏنو پر ليمن، انبن ۽ ڪجين جي ٻوٽن سان گڏوگڏ کيس روزانو آنا ڏيندڙ 12 مرغيون به ڏنيون، جن مان کيس ڏهه آنا روز ملندا رهيا. انهن آنن کي سمل سياڻي روزانو في آنو ڏهه روپيه جي حساب سان وڪرو ڪندي هئي. جنهن مان کيس هڪ سو روپيه روزانه ملندا هيا، ۽ مهيني ۾ 3000 هزار روپيه ٿي ويندا هيس. هينئر هو ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونه ٿي ٽنگي. غريب سمل پنهنجي همت ۽ سياڻپ سبب وڏيري وڏيري سڏجي ٿي. هر ماڻهو کيس عزت جي نظر سان

ڏسي ٿو. هاڻ هوءَ ٻين عورتن جي پڻ رهبري ۽ رهنمائي ڪندي ڪين تنظيم سازي جي مالها ۾ مڙهيو آهي، سي سڀ هينئر ترقي طرف قدم رکندي معاشري ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪندي سٺي ۽ باعزت زندگي گذاري رهيون آهن.





## سٺي صلاح

ٿورو وقت، ٿوري جاءِ ۽ گهٽ پئسن سان ڪڪڙين کي پاليو ۽ گهر ويٺي پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان کي سٺي خوراڪ ۽ سٺي صحت ڏيو ۽ دولت به ڪمايو.

## ضروري معلومات

هڪ ڪڪڙ پالڻ لاءِ هلڪي نسل لاءِ 3 چورس فوٽ ڳري نسل لاءِ 4 چورس فوٽ چوزن لاءِ اڌ چورس فوٽ ايراضي جي ضرورت آهي.

سفيد نسل واري ڪڪڙ ڳوناٺي ماحول ۾ 140 بيضا ڏيندي آهي. سفيد نسل واري ڪڪڙ جي بيضي جو وزن 36 گرام هوندو آهي.

هڪ نر ڪڪڙ ڏهن ڪڪڙين جي ڦرڻ لاءِ گهرجي.

في ڪڪڙ کي روزانه 93 گرام خوراڪ گهرجي.

بيضا حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب گرمي جو درجو 50 کان 80 ڊگري فارنهائيٽ کپي.

بيضا ڏيندڙ ڪڪڙ ڏيڍ سال 72 هفتن لاءِ 50 ڪلوگرام هڪ بوري خوراڪ گهرجي.

هڪ سو ڪڪڙيون روزانو 270 لٽر پاڻي پيئنديون.











